# سنڌ جا نانگ ۽ جوڳي

September 15, 2007 at 6:59 pm | In Folklore, Poetry, Sindh, Sindhi, سنڌي | | Edit this post

## سنڌ جا نانگ ۽ جوڳي

سائين دانش نواز گهنگهرو، منهنجي بلاگ ”ڪي اُمي چاٽو...“ تي ٽيڪا ٽپڻي ڪندي لکن ٿا تہ ڪين سُرڙو جيوَ گيانَ سان شونق آهي. (سرڙو جيوَ ٿدي رت واري



جانور کي چئبو جيڪو پٽ سان سُري هلندڙ آهي. سُرٽا جيوَ ٻن قسمن جا هوندا آهن. هڪُ تہ نانگ جهڙا پيٽَ هلندڙ جانور ـ سُرٽي جانور جو انگريزيءَ ۾نالو ئي پيو آهي ’ريپتائِلُ‘، معنا پيٽَ تي هلندڙ جانور، توڙي پيٽ هلندڙن جي ٻي ڏارڪَ ۾ هاڻ واڳن جهڙا جانور پڻ ليکبا آهن. سُرڙو جيوَ وشيشَ گروهَ ۾ ٻيو ڏيڏرن جهڙا جَلَ ٿَلَ واسين جا وِشيش شامل آهن.

(مٿيون فوٽُون سچن جوڳين جو نہ ليکبو، سچا جوڳي نانگن جو تماشو نہ ڪندا آهن، هٿان نانگن کي مانُ ڏين. اڄ ڪلهہ ماني ٽڪر لاءِ ماڻهون ڇا ڇا نہ ٿا ڪن).

گهنگهرو تي ڳالهيوُن ڪيون ـ

- **نانگن کي ڪنَ نہ هوُندا آهن.** اِها ڳالهہ مان ننڍي هوندي شڪارپورَ ۾ جوڳين جي مرلين تي نانگن کي جهومندي ڏسڻ کان گهڻو پوءِ پڙهي، تہ انهيءَ نرالي اڪُين ڏٺي حالَ بابت سوچيم. سائين گهنگرو جي ڳالهہ تہ هوُ ماڻهن جي تپِش ۽ پير جي ڪڙڪي کي پرکي ٻاهر ٿا اچن سچ تي لڳيم جو مان بہ ائين اٽڪلَ ڪئي هئي. وڏيڪُ منهنجي اندازي موُجب اِهي مُرلين جي جهومڻ تي پاڻ جهومن ٿا جو اِهو جهومڻ سندن عشق بازي (مستي) واري هلچل ڪري ٿو. پرَ اهو اڳتي سُرٽوجيوَ گيانينِ کي ڦولا ڪرڻي پوندي (جي ڪئي اٿن تہ مان نہ ڏٺي آهي، پر انهيءَ متن ۾ منهنجي مهارت بہ ناهي سو گهيٽئي ڳالهيون اِن متن بابت نہ ڏٺيون هوندم).

- **نانگ گهڻي ڀاڱي وِڪُرَ ناهن.** جئين مان لکيو هو، تہ " هتي آمريڪا ۾ نانگن جا قسم گهڻا وِڪِرُ (زهري) ناهن." سائين ٻڌائي ٿو تہ جڳ ۾ 95 سيڪڙو نانگ وِڪُر ناهن. پرَ اها ڳالهہ بہ سچ آهي تہ ريگستاني نانگن جي وِشيشن ۾ ڪجهہ وڌيڪ وِڪر نانگ هوندا آهن. هاڻي اِهي غير وِڪُر نانگن کان وڌيڪ ٿيا يا گهٽ، مان چئي نٿو سگهان جو مانکي پروڙ ناهي. ايترو پڙهيو اٿم تہ سنڌ ۾ جڳ جا ڪي سينِ کان وڌيڪ وِڪر نانگ موجود آهن. اِنهيءَ جو ڪارڻ اِهو هوندو تہ ريگستان ۾ پودا گهٽ هوندا آهن، تنهنڪري شڪاري نانگ وڌيڪ ٿين. توڙي نانگ ٿڌي رت وارا جانور آهن، اهڙن جانورن کي گرم رت وارن جانورن بنسبتَ گهٽي گهٽ خوراڪ کپندي آهي؛ اسان جهڙن گرم رتَ

وارن جي گهٽي خوراڪي سَتيا رڳو بدن ڏدو گرم رکڻ ۾ وڃي. انسانَ جيڏي واڳون کي انسانَ جي خوراڪ کان رڳو 3% خوراڪي ستيا کپي.. ساڳي رِيت ڪي نانگ هڪ ڪوُئو ڳرڪائي ته وري پيو ويلو مهنن جا مهنا نه مليسُ ته به خيرُ هجيسُ. اِهو پڻ سچُ چيو اٿن "سپ نه ماري، ڏپ ماري." پرَ ڪاريهرُ جڳ جي وڏن ۾ وڏن نانگن مان آهي ۽ وڏو وِڪرَ نانگ آهي.



·مستيءَ ۾ ڦڻُ (ڪَرَ ڪڍڻ) ۽ شڪاري ڦڻَ جي حالت ۾ هوُندي. هيٺ هڪڙو مضمون نظر مان نِڪتم پر پڙهڻ جو وقت نه مليو اٿمِ جيڪو نانگن جي عاشقي سنگلن بابت آهي

http://icb.oxfordjournals.org/cgi/content/abstract/17/1/217

(فوٽوُن سنڌ جي هڪ شِوَ مندر جو ڏيک آهي)

ڪاريهرن ۾ جوڳينِ بابت هڪ ويب جاءِ تي لکيو ٿنِ (جوڳي ٿرَ پاسي راجستان ۾ بہ رهن ۾ اُتي سئر ڪرڻ لکين ماڻهون هر سال سڄي دنيا مان ويندا آهن، راجستان ۾ گهٽائي سنڌي رهن ۾ اُنهيءَ موُملَ جي ڏيهہ ۾ سنڌ سان رنگ مِلن) ـ

“Snake charming is fascinating and at times mystifying. The eyes of the Cobra are hauntingly black and hypnotic; the snake is beautiful to watch when it is being worked by a skilled charmer. The hood is then spread and the markings apparent. The colours of the hood merge from black to brown to beige and, when framed against the sunlight, it appears almost translucent. No visit to India is complete without experiencing it.

But the true essence of the art is not observed by the tourist. There are initiates of the Shiva cult who handle Cobras without any danger of being bitten. The ‘Commercial’ snakes, generally the Spectacled Cobra, have either had their fangs extracted or the poison sacs removed. In general their lifespan is shortened due to mouth rot.”

http://www.wildlife-tour-india.com/indian-wildlife/cobra.html

پوئين مهني هند ۾ سنڌ جي ڪِن هندن تي دستور موجب ساليانو نانگ ميلو لڳو. خيرُ. جيسين وگيان انهيءَ هلت جو متُ ڏين (۾ تنهن کان پوءَ بہ هيءَ ڳالهہ پنهنجي جاءِ تي هوُندي)، سائين سچل ٿو چي تہ جيئن عاشق معشوق اڳيان ”قتل“ ٿو ٿي وڃي (معنا پنهنجو پدُ وڃائي ٿو ڇڏي)، تيئن ڪارهير مُرليءَ اڳيان مستُ ٿي ”قتل“ ٿو ٿي وڃي.

جوڳي آهيان جوڳي آهيان - گوگو جُنگم جوانُ

نڪي مُلان نڪي ٻانيڻ - نڪي ورق قرانُ

نڪي پوٿي نڪي پوڙي - نڪي گيتا گيانُ

نڪي اولهه نڪي اوپرُ - نه مان زمين آسمانُ

ڪاريهر قتل ڪيان تو - مُرلي سان مستانُ

ديسُ سچلَ جو درسُ درازين - مڪي نه مُلتانُ

سائين سچل سرمست

ڪافي سرُ ڪارِيهرُ (آغا صوفي وارو رسالو)

(گوگو جوڳين ۽ نانگن جو سَر گروُ جو نالو آهي. چون ٿا ته ڪيس مارِيو به ڪپر نانگ ڏنگي آهي – آغا صوفي، رسالي ۾ سُرن جي سمجهاڻي؛ **قلم تازو – پوٿي** معنا ڌرمي (پوتر) ڪتاب (جيئين ويدَ قران وغيرا). پوڙي، شعرَ جي سِٽَ. ٻانيَڻُ ٿيو هندوُ پنڊِتُ. درازا اُنهيءَ ڳوٺ جو نالو آهي جتي سائين سچل رهندا هيا ۽ جتي هاڻِ سائين جَنِ جي مزار آهي. ٻانيان ٿو ته اِهو لفظ درَوازي مان نِڪتو آهي. دَرازين، درازن ۾؛ دُرُسُ معنا صحيح، دُرُسُت، پورو (دَرسُ وري سبق ٿئي، زبرَ پيش جو ڦيرُ سنڌي ۾ گهٽائي پيرا معنا ڦيرائي ڇڏي).

ٽيڪا ٽپٽي ڪندا رهندا ... ڪچهري هلندي رهي. وري ملنداسي. هيٺ ٽرڪَ هٽي الڙَ فقيرَ کي نچندو ڏسندا (سائين ماڪا جا لک ٿورا)

http://youtube.com/watch?v=J-_zJ7RZyII